# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريه 2011

# SINDHACT NO.XIII OF 2011

# سنڌ انساني حقن جو تحفظ ايڪٽ، 2011

# THE SINDH PROTECTION OF HUMAN RIGHTS ACT, 2011

## فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

حصو_I

شروعاتي

Part_I

Preliminary

1.مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, extentand commencement

2.وصفون

Definitions

حصو_II

ڪميشن جو قيام

Part_II

Establishment of The Commission

3.ڪميشن جو قيام

Establishment of the Commission
حصو_III
ڪميشن جا اختيار ۽ ڪم
Part_III
Powers and Functions of The Commission
4.ڪميشن جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Commission
حصو_IV
ڪميشن جي گڏجاڻي
Part_IV
Meeting of the Commission
5.ڪميشن جون گڏجاڻيون
Meetings of the Commission
6.چيئرپرسن يا ميمبر جي برطرفي
Removal of Chairperson or membr
7.سيڪريٽري جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Secretary
حصو_V
فنڊ، اڪائونٽس ۽ آڊٽ
Part_V
Fund, Accounts and Audit
8.فنڊ
Fund
حصو_VI
متفرقات

Part_VI

Miscellaneous

9.ريٽرنس، بيان وغيره

Returns, statement etc

10.اختيارن جي منتقلي

Delegation of Powers

11.سرڪاري ملازم

Public Servant

12.قاعدا

Rules

13.عدالتن جي دائره اختيار تي پابندي

Jurisdiction of courts barred

14.چوٽ

Indemnity

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريه 2011

# SINDH ACT NO.XIII OF 2011

# سنڌ انساني حقن جو تحفظ ايڪٽ، 2011

# THE SINDH PROTECTION OF HUMAN RIGHTS ACT, 2011

[9 جون 2011]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ انساني حقن کي تحفظ فراهم ڪيو ويندو؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ انساني حقن کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

حصو_I
شروعاتي
Part_I
Preliminary

## حصو_I

## شروعاتي

## Part_I

## Preliminary

مختصر عنوان، واڌارو۽ شروعات
Short title,

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ انساني حقن جو تحفظ ايڪٽ، 2011 سڏيو ويندو.

extentand commencement

(2)ان کي پوري صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.

(3)اهو فوري طور تي اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿيندو جيئن حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ بيان ڪري.

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

i. “چيئرپرسن” مطلب ڪميشن جو چيئرپرسن؛
ii. “ڪميشن” مطلب دفعه 3 تحت جوڙيل سنڌ انساني حقن جي ڪميشن؛
iii. “حڪومت” مطلب سنڌ حڪومت؛
iv. “انساني حق” مطلب حق جيڪي زندگي، وقار، برابري ۽ فرد جي عزت سان لاڳاپيل هجن، جن جي اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين ضمانت ڏني هجي ۽ قانون موجب لاڳو ڪرڻ لائق هجن؛
v. “ميمبر” مطلب ڪميشن جو ميمبر؛
vi. “بيان ڪيل” مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛
vii. “قاعدا” مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا؛ ۽
vii. “سيڪريٽري” مطلب ڪميشن جو سيڪريٽري.

حصو_II
ڪميشن جو قيام
Part_II
Establishment of The Commission

## حصو_II

## ڪميشن جو قيام

## Part_II

## Establishment of the Commission

**ڪميشن جو قيام**
**Establishment of the Commission**

3.(1) هن ايڪٽ جي شروعات ڪانپوءِ جيترو جلدي ٿي سگهي، ڪميشن قائم ڪئي ويندي، جنهن کي سنڌ انساني حقن واري ڪميشن سڏيو ويندو.

(2)ڪميشن مشتمل هوندي:

| | |
|---|---|
| (i) شخص جيڪو هاءِ ڪورٽ جو جج رهيو هجي، جيڪو حڪومت طرفان اهڙيءَ ريت مقرري لاءِ اهل هيو يا آهي؛ | چيئرپرسن |
| (ii) ٻه شخص جيڪي ڊسٽرڪٽ ۽ سيشنز ججز يا ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ۽ سيشنز ججز رهيا هجن، حڪومت طرفان مقرر ڪيا ويندا؛ | ميمبرز |
| (iii) چار ماڻهو بشمول ٻن صوبائي اسيمبلي جي ميمبرز جي، جيڪي اسپيڪر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛ | ميمبرز |
| (iv) ڪميشن جو سيڪريٽري حڪومت طرفان مقرر ڪيو ويندو. | سيڪريٽري/ ميمبر |

(3) ڪميشن باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت اختيارن سان گڏ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، جيڪا معاهدن، ٺيڪن ۾ داخل ٿي سگهندي ۽ متحرڪ ۽ غير متحرڪ ٻنهي قسم جي ملڪيت حاصل ڪري ۽ رکي سگهندي ۽ اها نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(4) ڪميشن جا هيڊ ڪوارٽرز ڪراچي ۾ هوندا ۽ ڪميشن حڪومت جي اڳواٽ منظوري سان ضلعي سطح تي آفيسون قائم ڪندي.

(5) چيئرپرسن ۽ ميمبر جيستائين اڳواٽ استعيفا نہ ڏين يا برطرف نہ ڪيا وڃن، ٽن سالن جي مدي تائين عهدو رکي سگهندا ۽ ساڳئي قسم جي مدي لاءِ ٻيهر مقرري لاءِ اهل هوندا.

(6) فوت ٿيڻ، استعيفيٰ يا اهڙي چيئرپرسن يا ميمبر جي عهدي تان هٽائڻ جي صورت ۾، ٻيو چيئرپرسن يا جيئن معاملو هجي، ميمبر اهڙي چيئرپرسن يا ميمبر جي جڳهہ تي رهيل مدي لاءِ مقرر ڪيو ويندو.

(7) چيئرمين ۽ ميمبرز جا پگهارون، الائونسز ۽ ملازمت جا ٻيا شرط اهڙيءَ ريت هوندا جيئن بيان ڪيا ويا هجن؛ بشرطيڪ نہ تہ پگهار ۽ نہ ئي الائونسز ۽ نہ ئي چيئرپرسن يا ميمبر جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا سندس مقرري کان پوءِ ان جي نقصان ۾ تبديل ڪيا ويندا.

(8)هڪ سيڪريٽري هوندو، جيڪو ڪميشن جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر هوندو ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندو ۽ ڪميشن جا اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو جيئن ان کي سونپيا وڃن.

(9)چيئرپرسن يا ميمبر، پنهنجي هٿ اکرين، عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو پر سندس استعيفيٰ تيستائين ڪارگر نہ هوندي، جيستائين حڪومت طرفان منظور نہ

ڪئي وڃي.

(10) ڪميشن جو ڪو بہ قدم يا ڪارروائي فقط ان ۾ آسامي سبب يا ڪميشن جي جوڙجڪ سبب غير موثر نہ هوندو.

## حصو_III

## ڪميشن جا اختيار ۽ ڪم

## Part_III

## Powers and Functions of the Commission

حصو_III
ڪميشن جا اختيار ۽ ڪم
Part_III
Powers and Functions of The Commission

ڪميشن جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Commission

4.ڪميشن:

i. جاچ ڪري سگهي ٿي، پاڻمرادو يا متاثر يا ڪنهن شخص طرفان ان جي بدران پيش ڪيل پٽيشن تي، شڪايت تي تہ:

a) انساني حقن جي ڀڃڪڙي يا ان جي حوصلا افزائي؛

b) اهڙي ڀڃڪڙي کان بچاءَ ۾ سرڪاري ملازم طرفان نااهلي؛

ii. حڪومت کي انساني حقن جي ڀڃڪڙي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قدم کڻڻ سميت اصلاحي قدم کڻڻ جي سفارش ڪندي؛

iii. انساني حقن جي تحفظ کي نظر ۾ رکي روزاني بنيادن تي حڪمت عمليون جوڙيندي، عملدرآمد ڪندي ۽

اپڊيٽ ڪندي؛

iv. حڪومت جي اڳواٽ اطلاع تحت ڪنهن جيل يا حڪومت جي ضابطي هيٺ ڪنهن اداري جو دورو ڪري سگهي ٿي، جتي ماڻهو رکيا يا قيد ڪيا ويندا يا علاج، بحالي يا تحفظ جي مقصد لاءِ داخل ڪيا ويندا آهن، اهو ڏسڻ لاءِ تہ رهندڙن جي زندگي گذارڻ جون حالتون ڪهڙيون آهن ۽ ان سلسلي ۾ سفارشون ڪرڻ لاءِ؛

v. انساني حقن جي تحفظ لاءِ آئين ۾ يا وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون ۾ فراهم ڪيل حفاظتي اپائن جي نظرثاني ڪندي ۽ انهن جي موثر عملدرآمد لاءِ اپاءَ وٺڻ جي سفارش ڪندي؛

vi. انساني حقن بابت ٺاهن ۽ بين عالمي دستاويزن کي پڙهندي ۽ انهن جي موثر عملدرآمد لاءِ سفارشون ڪندي؛

vii. انساني حقن جي ميدان ۾ تحقيق ڪندي ۽ هٿي وٺرائيندي؛

viii. معاشري جي مختلف حصن ۾ انساني حقن بابت ڄاڻ ڦهلائيندي؛

ix. انساني حقن جي تحفظ لاءِ موجود حفاظتي انتظامن بابت سجاڳي کي پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا، سيمينارز ۽ ٻين موجود ذريعن وسيلي هٿي وٺرائيندي؛

x. انساني حقن جي ميدان ۾ ڪم ڪندڙ غير سرڪاري تنظيمن ۽ ادارن جي ڪوشش جي همت

افزائي ڪندي؛

xi. ڪميشن جي معاملن سان لاڳاپيل مختلف حڪمت عمليون، تفصيل، ڊيٽا ۽ معلومات روزاني بنيادن تي شايع ڪرائيندي يا شايع ڪرائڻ جو سبب بڻجندي ۽ ساڳئي تائين عوامي رسائي کي يقيني بڻائيندي؛

xii. حڪومت جي منظوري سان اهڙا عملدار ۽ عملو مقرر ڪندي جيئن اها هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي؛ ۽

xiii. اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندي جيڪي انساني حقن جي تحفظ لاءِ ضروري هجن، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

حصو_IV
ڪميشن جي گڏجاڻي
Part_IV
Meeting of the Commission

## حصو_IV

## ڪميشن جون گڏجاڻيون

## Part_IV

## Meetings of the Commission

ڪميشن جون گڏجاڻيون
Meetings of the Commission

5.(1) هر سال جي ٽه ماهي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪميشن جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي ويندي.

(2) ڪميشن جون گڏجاڻيون اهڙي وقت ۽ اهڙن هنڌن تي منعقد ڪيون وينديون ۽ اهڙي طريقي جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي يا جيستائين ان سلسلي ۾ قاعدا جوڙيا وڃن، تيئن ۽ تڏهن جڏهن چيئرپرسن طرفان ڪوٺائي وڃي.

(3)جيستائين ڪجهه ذيلي دفعه (1) جي گنجائش جي

متضاد نہ هجي، چيئرپرسن ڪميشن جي گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندو جيڪڏهن تي يا وڌيڪ ميمبر ڪيس لکت ۾ درخواست ڪن ۽ اهڙي گڏجاڻي گهٽ ۾ گهٽ ستن ڏينهن جو نوٽيس ڏيڻ کانپوءِ اهڙي درخواست ملڻ جي پندرنهن ڏينهن اندر ڪوٺائي ويندي.

(4)ڪميشن جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم چار ميمبر هوندو.

(5)چيئرپرسن، يا سندس غير حاضري جي صورت ۾، ڪميشن جي اهڙي گڏجاڻيءَ ۾ موجود ميمبرز طرفان چونڊيل ميمبر گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندو.

(6)ووٽ برابر ٿيڻ جي صورت ۾، چيئرپرسن يا گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندڙ ميمبر کي ووٽ جو حق حاصل هوندو.

چيئرپرسن يا ميمبر جي برطرفي
Removal of Chairperson or membr

6. حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي چيئرپرسن يا ميمبر کي هٽائي سگهي ٿي، جيڪڏهن اهو:

a) هن ايڪٽ تحت پنهنجون ذميداريون نڀائڻ جي اهل ناهي؛
b) ڏيوالو قرار ڏنو ويو آهي؛ يا
c) ملازمت لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو هجي، يا سرڪاري نوڪري مان برطرف ڪيو ويو هجي، يا بداخلاقي جي ڏوهہ ۾ سزا ٻڌائي وئي هجي؛ يا
d) حڪومت جي بنا لکت اجازت جي ڄاڻي واڻي يا بنا اجازت جاري رکيو هجي، سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت يا ڀائيوار جي ذريعي، ڪو حصو يا ڪنهن نيڪي ۾ مفاد يا ڪميشن سان يا ڪميشن طرفان

ملازمت يا ڪنهن زمين يا ملڪيت ۾، جيڪو سندس چاڻ موجب ڪميشن جي ڪمن جي نتيجي ۾ فائدو پهچائيندو يا جنهن فائدو پهچايو هجي؛

بشرطيڪ سدائين چيئرپرسن يا ميمبر کي ٻڌڻ جو هڪ موقعو فراهم ڪرڻ کان سواءِ هن دفعه تحت ڪو به قدم نه کنيو ويندو.

سيڪريٽري جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Secretary

7. سيڪريٽري ذميدار هوندو:

i. هن ايڪٽ موجب ڪميشن طرفان سموري خط و ڪتابت ڪندو ۽ وقت بوقت ڪميشن يا چيئرپرسن طرفان مليل هدايتن تي عمل ڪندو؛

ii. ڪميشن جي رڪارڊز ۽ ٻي سموري ملڪيت جي مرمت ۽ تحفظ ڪندو؛

iii. آفيس ۽ عملي جي عام نظرداري، ضابطو ۽ انتظام سنڀاليندو.

حصو_V
فنڊ، اڪائونٽس ۽ آڊٽ
Part_V
Fund, Accounts and Audit

## حصو_V

## فنڊ، اڪائونٽس ۽ آڊٽ

## Part_V

## Fund, Accounts and Audit

فنڊ
Fund

8.(1) هڪ فنڊ هوندو، جنهن کي سنڌ هيومن رائٽس ڪميشن فنڊ سڏيو ويندو.

(2) فنڊ مشتمل هوندو:

i. حڪومت کان چندي جي مد ۾ گرانٽ؛

ii. عوام طرفان تحفا، امداد ۽ حصو وجهڻ؛

iii. ضلعي حڪومتن ۽ ٻين ادارن طرفان حصو وجهڻ؛

iv. اشاعت جا سيل پروسيڊز ۽ ڪميشن طرفان جائز طريقي ڪمائي جي ڪنهن ڪم ذريعي.

(3) (i) ڪميشن جو فنڊ شيڊولڊ بئنڪ ۾ اهڙي هيڊ آف اڪائونٽس ۾ جمع ڪيو ويندو، جيئن ڪميشن طرفان طئي ڪيو ويو هجي.

(ii)فنڊ جو اڪائونٽ هر مالي سال ۾ هڪ دفعو ڊائريڪٽر جنرل آڊٽ سنڌ يا سندس نمائندي طرفان آڊٽ ڪيو ويندو.

(iii) رسيدن ۽ خرچ جا ساليانا آڊٽ ڪيل بيان 30 جون تي ختم ٿيندڙ مالي سال جي ڪارروائين کي ڪور ڪندا ۽ سيڪريٽري طرفان منظوري لاءِ ڪميشن کي جمع ڪرايا ويندا.

(iv) ڪميشن جي بجيٽ گڏجاڻيءَ ۾، سيڪريٽري مالي سال لاءِ ڪميشن جي بجيٽ جمع ڪرائيندو. ڪميشن اهڙين تبديلين سان، جيڪڏهن ڪي هجن، جيئن اها ضروري سمجهي بجيٽ جي منظوري ڏيندي.

(v)هڪ اهل آڊيٽر ڪميشن جي اڪائونٽس جي تصديق ڪرڻ ۽ آڊٽ لاءِ ڪميشن طرفان مقرر ڪيو ويندو.

حصو_VI
متفرقات
Part_VI

## حصو_VI

| | |
|---|---|
| Miscellaneous | **متفرقات**<br>**Part_VI**<br>**Miscellaneous** |
| **ريٽرنس، بيان وغيره**<br>Returns, statement etc | 9.حڪومت ڪميشن سان لاڳاپيل ڪو دستاويز، ريٽرن، بيان، تفصيل يا ڪميشن سان لاڳاپيل ڪا ٻي معلومات طلب ڪري سگهي ٿي ۽ ڪميشن اهڙي درخواست تي عمل ڪندي. |
| **اختيارن جي منتقلي**<br>Delegation of Powers | 10.ڪميشن عام يا خاص حڪم ذريعي ۽ اهڙين شرطن تحت جيئن اها مڙهي، پنهنجا ڪي بہ اختياري، ذميداريون يا هن ايڪٽ يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن موجب ڪم چيئرپرسن، ميمبرز يا پنهنجي عملدارن کي منتقل ڪري سگهي ٿي. |
| **سرڪاري ملازم**<br>Public Servant | 11.چيئرپرسن، ميمبرز ۽ ڪميشن جا ملازم هن ايڪٽ يا قاعدن تحت ڪم ڪندي يا ڪم جو ارادو ڪري رهيا هجن، پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعہ 21 تحت سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا. |
| **قاعدا**<br>Rules | 12.حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. |
| **عدالتن جي دائره اختيار تي پابندي** | 13.هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن بہ ڪم يا ڪجھ ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن بہ عدالت کي ڪا ڪارروائي |

| | |
|---|---|
| ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو دائره اختيار نہ هوندو. | Jurisdiction of courts barred |
| 14.هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪجهہ بہ ڪرڻ يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، ڪميشن يا عملدار ۽ ملازم خلاف ڪو بہ مقدمو يا قانوني ڪارروائي نہ ڪئي ويندي. | چوٽ Indemnity |

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**